SINDH FLOOD EMERGENCY REHABILITATION PROJECT

منصوبابندي ۽ ترقياتي کاتو

سنڌ حڪومت

# سنڌ فلڊ ايمرجنسي اينڊ ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ

# (ايس ايف اي آر پي)

## مزدورن جي انتظامن بابت منصوبو

## (خلاصو)

مئي_ 2023

ڪراچي

سنڌ حڪومت

# مزدورن جي انتظامن بابت منصوبي جو خلاصو

سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (SFERP) تحت صوبي ۾ مخصوص بنيادي ڍانچي جي بحالي وسيلي 2022ع واري ٻوڏ جي اثرن مان نڪرڻ لاءِ هڪ تجويز ڪيو ويو آهي، تہ جيئن بهتر اڏاوت ۽ ماحولياتي تبديلين کي بهتر بڻائڻ سان گڏ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ماڻهن جي سگهہ وڌائي سگهجي.

## منصوبي جو جائزو

تجويز ڪيل سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن منصوبو (SFERP) ٽن مُکيہ ڀاڱن تي ٻڌل آهي. ڀاڱي هڪ ۾ بنيادي ڍانچي جي بحالي، ڀاڱي 2 ۾ گذر سفر جي ذريعن بحالي ۽ ڀاڱي 3 ۾ منصوبي جا انتظام شامل آهن. **ڀاڱو-1 بنيادي ڍانچي جي بحالي:** هن ڀاڱي جو مقصد ٻوڏ کان بچاءَ واري بنيادي ڍانچي، پاڻي جي فراهمي وارين اسڪيمن، روڊ ۽ لاڳاپيل ڍانچي جي بحالي توڙي اُنهن ۾ بهتري ۽ ٻيهر آبادڪاري وسيلي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ جي سگهہ وڌائڻ آهي. ماحولياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ جي مقصد تي ٻڌل فريم ورڪ کي هن ڀاڱي تحت نقصانن جي انگ اکرن جي بنياد تي ذيلي منصوبن جي بنيادي ڍانچي کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو. اهو تصور منصوبي جي هنگامي بنيادن تي ڪم واري نوعيت کي نظر ۾ رکندي اختيار ڪيو ويو آهي.

## منصوبي ۾ مزدورن جي ڀرتي ۽ استعمال جو جائزو

ايس ايف اي آر پي تي عملدرآمد ۽ منصوبي سان لاڳاپيل مختلف سرگرمين لاءِ مختلف ڀاڱن ۾ ملازم ڀرتي ڪيا ويندا. عالمي بئنڪ جا ماحولياتي ۽ سماجي معيار -2 (ESS2) منصوبي ۾ ملازمن جي ڄاڻايل ڀاڱن ۾ درجي بندي ڪن ٿا. (1) اداري پاران سڌي ريت ڀرتي ڪيل مزدور، (2) ٺيڪيدار پاران ڀرتي ڪيل مزدور، (3) بنيادي فراهمي واري شعبي جا مزدور ۽ (4) ڪميونٽي ورڪر منصوبي ۾ شامل آهن. منصوبي لاءِ گهربل مزدورن جي درجي بندي تحت مزدورن جا سمورا ڀاڱا- اداري پاران سڌي ريت ڀرتي ڪيل مزدور، ٺيڪيدار پاران ڀرتي ڪيل مزدور، بنيادي فراهمي واري شعبي جا مزدور ۽ ڪميونٽي ورڪر هن منصوبي لاءِ موزون آهن. جڏهن تہ موجوده مرحلي ۾ ڄاڻايل مزدورن جي تعداد جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي.

ڪيش فار ورڪ پروگرام تحت ڪميونٽي تنظيمون آبادي تي ٻڌل بنيادي ڍانچي جي بحالي لاءِ ڪميونٽي ميمبرز کي ڪارڪن طور شامل ڪنديون. ڪيش فار ورڪ سرگرمين جي شروعات کان اڳ ڪميونٽي تنظيمن ۽ ڪميونٽي جي ملازمن وچ ۾ ليبر قانون مطابق قاعدن ۽ ضابطن (TOP) تحت پائيواري جي مُدي جي صورت ۾ اتفاق ڪيو ويندو. مزدوري بابت سمورين گهرجن کي لاڳاپايل صوبائي ۽ قومي قانون ۽ ايس ايس ايس _2 جي روشني ۾ ٽي او پي جو حصو بڻايو ويندو، جِن ۾ ڪم ڪرڻ جو وقت يا ڪلاڪ، اُجرت، اضافي ڪم جو معاوضو، معاوضو ۽ فائدا شامل آهن. ڪيش فار ورڪ جي سرگرمين دوران شڪايتن، ملازمت دران صحت ۽ تحفظ جو ڪم ڪرڻ واري حالت تي ڪوبہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو، ۽ اُنهن تي مڪمل طور عمل ڪرايو ويندو.

## مزدوري دوران مُکيہ مخفي خطرن جو جائزو

سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن تحت ڪم سان سلهاڙيل خطرن جو تجزيو ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪم واري جاءِ تي حادثن ۽ واقعن، ٻارن کان امڪاني جبري پورهئي، مزدورن جي آمد ۽ لاڳاپايل آبادي جي صحت توڙي حفاظت جي خطرن بابت آهي، جڏهن تہ جنسي طور استحصال ۽ بدسلوڪي، جنسي طور هيسائڻ، مختلف وچڙندڙ بيمارين (ڪووڊ_19) جي ڦهلاءُ جا خطرا. ملازمتن مان اقليتينن (مذهبي ۽ صنفي اقليتون) جي نيڪالي جو خطرو بہ اُن ۾ شامل آهي. عملدرآمد ڪندڙ اداري پاران ماحولياتي ۽ سماجي خطرن کي گهٽائڻ يا اُنهن تي ضابطي لاءِ پنهنجي مجموعي صلاحيت استعمال ڪئي ويندي ۽ اُن تحت ئي منصوبي تي عملدرآمد ڪيو پيو وڃي. خاص ڪري هي منصوبو آبپاشي، پاڻي جي نيڪال ۽ لاڳاپيل ڍانچي جي بهتري توڙي بحالي جو ڪم ڪندي ملازمن کي حادثن جا خطرا ٻڌائي ٿو. جڏهن تہ عام خطرن ۾ اڏاوتي سامان جي استعمال يا اُن جي ويجهو ڪم ڪرڻ جا جسماني خطرا شامل آهن. ڪمن دوران ڏامر سان گڏ يا اُن جي ويجهو ڪم ڪرڻ، ٽرئفڪ ڀرسان ڪم ڪرڻ، ڪِري پوڻ جو خطرو، ڪرينن ۽ لهرائڻ جي اوزارن جي آپريشن سان لاڳاپيل خطرا پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن. جڏهن تہ بجلي جا جهٽڪا، سڙڻ، گوڙ ۽ ڌوڙ اُٿڻ، ڪِرندڙ شيون، خطرناڪ مواد جي نمائش ۽ اوزارن توڙي مشينن جي استعمال بابت برقي خطرن سان گڏ ڌوڙ جي نتيجي ۾ ساهہ جي بيمارين جي ڦهلاءُ وارن واقعن جا خطرا بہ اُن ۾ شامل آهن. اثر گهٽائڻ جي درجي بندي تي عمل ڪندي مزدوري سان لاڳاپيل خطرن کي گهٽايو ويندو، جنهن ۾ (1) خطرن جو خاتمو (2)متبادل عمل، سامان ۽ اوزار، (3) نقصانڪار مواد سان لهہ وچڙ روڪڻ وغيره، رڪاوٽون رکڻ، محافظ رکڻ (4) ڪم جي حفاظتي نظام، جهڙوڪ ڪم لاءِ اجازت جو نظام، خطرناڪ سرگرمي انجام ڏيڻ لاءِ وقت جي پابندي ڪرڻ (5) مناسب ذاتي حفاظتي سامان (PPE) جو استعمال ۽ جبري توڙي ٻارن جي پورهئي جي روڪٿام شامل آهن.

ڪم واري جاءِ کي محفوظ ۽ صحتمند بڻائڻ لاءِ سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ ۽ اُن جا ٺيڪيدار ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته صحت ۽ حفاظت جي سمورن خطرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جيڪي ڪم جي جاءِ تي ملازمن يا ٻين ماڻهن کي ڇيهو رسائي سگهن ٿا. هي منصوبو صحت ۽ حفاظت بابت لاڳو ٿيل شقن تي عمل کي يقيني بڻائيندو. سمورا ٺيڪيدار آڇن سان گڏ پنهنجي او ايچ ايس پروگرامن جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪرڻ جا پابند هوندا.

## مزدورن جي حقن ۽ پورهئي بابت قانون جو جائزو: قاعدا ۽ ضابطا

پاڪستان ۾ مزدورن جي حقن ۽ پورهئي بابت وڏي انگ ۾ قانون موجود آهن، جن ۾ ڪيترائي آرڊيننس، ايڪٽس، قاعدا ۽ ضابطا ۽ ٻيا لاڳو ٿيل اهڙا قانون اچي وڃن ٿا، جيڪي صنعت ۽ ڪاروبار سوڌو ٻين شعبن جي ادارن سان لاڳاپيل آهن. پاڪستان جي آئين ۾ به پورهيتن جي حقن بابت وڏي پيماني تي شقون شامل آهن. اُن ڪانسواءِ پاڪستان مٿان پورهيتن جي حقن بابت عالمي قانون تحت ڪيترين ئي ذميوارين پڻ آهن، جن مان گهڻا قانون عالمي ليبر ڪنوينشن تي عملدرآمد سان سلهاڙيل آهن ۽ پاڪستان اُنهن جي تائيد ڪئي آهي. پورهيتن جي حقن تورڙ پلائي سان لاڳاپيل قانون هيٺيئن ريت آهن:

- فڪٽريز ايڪٽ، 1934
- انڊسٽريل رليشن ايڪٽ
- ورڪ مين ڪمپنسيشن ايڪٽ 1623
- ورڪ مين ڪمپنسيشن ايڪٽ 1923
- منيمم ويجز آرڊيننس، 1961
- پيمينٽ آف ويجز ايڪٽ 1936
- انڊسٽريل اينڊ ڪمرشل امپلائيمينٽ اسٽينڊنگ آرڊرس آرڊيننس 1968
- ميٽرنٽي بينيفٽ آرڊيننس 1958
- اپرينٽس شپ آرڊيننس 1962
- امپلائيز اولڊ ايج بينيفٽ ايڪٽ 1976
- امپلائيمينٽ آف چلڊرين ايڪٽ 1991
- بانڊيڊ لبر ايباليشن ايڪٽ 1992
- ورڪرس ويلفيئر فنڊ ايڪٽ 1971
- منيمم ويجز (بي هنر مزدور) ، (ترميم) 2015
- دي ڊس ايبلڊ پرسنس (امپلائيمينٽ اينڊ ريهيبليٽيشن) ايڪٽ 2015
- دي پروٽيڪشن اگينسٽ هراسمينٽ آف وومين ايٽ دِي ورڪ پليس ايڪٽ، 2010
- ٽرانسجينڊر پرسن ايڪٽ 2018

سال 2010ع ۾ پاڪستان جي آئين ۾ 18هين ترميم تحت مزدوري ۽ ملازمت جا معاملا صوبن کي منتقل ڪيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ آئين جي آرٽيڪل 240 اي (6) تحت وفاقي ليبر قانون صوبن تي لاڳو ٿي ويو. هر صوبي مزدورن جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي ليبر پاليسي اختيار ڪئي آهي. تنهنڪري تجويز ڪيل منصوبي لاءِ سنڌ ليبر پاليسي 2018ع مناسب آهي. هن پاليسي ۾ مزدوري جا معيار اثرائتي نموني لاڳو ٿيڻ، ڪم واري جاءِ تي بهتر حفاظت، گذر سفر جا ذريعا، ٻار ڪان پورهئي/جبري پورهئي، آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ ليبر انسپيڪشن نظام جي بهترين ڪارڪردگي جي بنياد تي مختلف شعبن کي شامل ڪيو ويو آهي.

اُن سان گڏ، پاڪستان مزدورن جي عالمي تنظيم (ILO) جي پورهيت بابت قانون جي توثيق ڪئي آهي، جنهن ۾ فورسڊ ليبر ڪنوينشن 1930 (ڪنوينشن نمبر 29)، فريڊم آف ائسوسيئيشن اينڊ پروٽيڪشن آف دِي رائيٽ ٽو آرگنائيز ڪنوينشن 1948 (ڪنوينشن نمبر 87)، رائيٽ ٽو آرگنائيز اينڊ ڪليڪٽو بارگيننگ ڪنوينشن 1949 (ڪنوينشن نمبر 98)، ايڪوئل ريميونريشن ڪنوينشن 1951 (ڪنوينشن نمبر 100)، ايباليشن آف ليبر ڪنوينشن 1957 (ڪنوينشن نمبر 105)، ڊسڪريمينيشن (روزگار ۽ ڪاروبار ۾) ڪنوينشن 1958 (ڪنوينشن نمبر 111)، منيمم ايج ڪنوينشن 1973 (ڪنوينشن نمبر 138)، گهٽ ۾ گهٽ عمر 14 سال مقرر ڪئي وئي آهي. ورسٽ فارمس آف چائيلڊ ليبر ڪنوينشن 1999 (ڪنوينشن نمبر 182).

## مزدورن ۽ پورهئي جي حقن بابت قانون جو جائزو: ملازمت دوران صحت ۽ تحفظ (OHS)

مزدورن توڙي ملازمن کي ملازمت دوران صحت ۽ تحظ جي خطرن کان محفوظ رهڻ بابت مختلف عالمي، قومي ۽ صوبائي قانون شامل آهن. ته جيئن صحت لاءِ هاڃيڪار علامتن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ خطرن کان محفوظ رهندي ملازمن جي اعليٰ درجي جي جسماني، ذهني ۽ سماجي ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ سان گڏ برقرار رکي سگهجي. پاڪستان سرڪار سمورن لاڳاپيل قانونن ۽ عالمي ڪنوينشن جي سفارشن تي اثرائتي نموني عمل جي پابند آهي. آءِ ايل او پاران 40 کان وڌيڪ قاعدا ۽ ضابطا جوڙي پيا آهن، جيڪي خاص ڪري او ايل ايس جي مسئلن سان لاڳاپيل آهن.

سال 2017ع کان اڳ پاڪستان ۾ ملازمت دوران صحت ۽ تحفظ جي معاملن تي ڪا به آزاد ۽ اثرائتي قانونسازي نه هئي. اهڙن مسئلن تي ضابطو آڻڻ لاءِ فيڪٽريز ايڪٽ 1934ع جي چيپٽر 3 جي صورت ۾ مُکيه قانون موجود آهن. هن ايڪٽ تحت سمورن صوبن فيڪٽريز رولز پڌرا ڪيا. او ايچ ايس جي شقن ۾ هيٺ ڄاڻايل قانون شامل آهن:

- فيڪٽريز ايڪٽ 1934
- ويسٽ پاڪستان شاپس اينڊ اسٽيبلشمينٽس آرڊيننس، 1969
- پاڪستان انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1997 (خطرناڪ مواد ضابطا، 2003)
- پاڪستان آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي ايڪٽ، 2018

سال 2018ع ۾ پاڪستان آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي ايڪٽ لاڳو ڪيو ويو هو، ته جيئن هن ايڪٽ تحت تيار ٿيل قاعدا ۽ ضابطا لاڳو ڪندي ملازمن لاءِ محفوظ ۽ صحتمند ڪم جي حالتن کي يقيني بڻائي سگهجي. هن ايڪٽ تحت وفاقي سرڪار پيشيوراڻي صحت، تحفظ ۽ ڀلائي سان لاڳاپيل قانونسازي، قاعدا ۽ ضابطا، ڪوڊز، معيار ۽ پاليسين جي منظوري لاءِ پاڪستان نيشنل او ايچ ايس ڪائونسل قائم ڪئي. اِن ڪائونسل نيشنل او ايچ ايس ڊائريڪٽوريٽ قائم ڪيو آهي، ته جيئن ڪائونسل پاران منظور ڪيل قومي او ايچ ايس پاليسيون لاڳو ڪرڻ لاءِ سمورا گهربل قدم کڻي سگهجن ۽ قومي او ايچ ايس معيارن کي لاڳو ڪيو وڃي. سنڌ جي ليبر کاتي آءِ ايل او جي سهڪار سان جوائنٽ ايڪشن پلان فار پروموٽنگ ورڪ پلس سيفٽي اينڊ هيلٿ اِن سنڌ جي روشني ۾ ڀرپور جامع او ايچ ايس قانون تيار ڪيو آهي. سنڌ سرڪار پاران اهو سڀ ڪجهه پنجاب آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي ايڪٽ 2017ع لاڳو ٿيڻ بعد ڪيو ويو.

عالمي بئنڪ گروپ (WBG) جا ماحوليات، ملازمت دوران صحت ۽ تحفظ لاءِ رهنما اصول آهن، جيڪي عام مسئلن سان گڏ شعبي جي مخصوص سرگرمين لاءِ ڪارائتن حوالن طور ڪم ڪن ٿا. عالمي بئنڪ گروپ جي مالي سهائتا وارن منصوبن لاءِ توقع ڪئي ويندي آهي ته اُهي پاليسين ۽ معيارن مطابق رهنمائي ڪندڙ اصولن تي عمل ڪندا. ملازمت دوران صحت ۽ تحفظ جا رهنمائي ڪندڙ اصول بنيادي طور پيشيوراڻي صحت ۽ تحفظ، ڪميونٽي جي صحت ۽ حفاظت سان گڏ اڏاوت ۽ اُن جي تڪميل بابت آهن.

## ذميوار عملو

سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ تي عملدرآمد جي يونٽس (PIUs) وسيلي منصوبي جي انتظامن ۽ مزدورن جي انتظامن بابت منصوبي تي عملدرآمد جي سمورن پاسن جي نگراني، خصوصي طور ٺيڪيدار کان عملدرآمد يقيني بڻائڻ جو ذميوار آهي. منصوبي تي عملدرآمد واري يونٽ ۾ ماحولياتي ۽ سماجي ٽيم ليبر مئنيجمينٽ پلان تي عملدرآمد سان گڏ اُن جي نگراني ڪندي. ٺيڪيدار منصوبي جي اڏاوتي مرحلي دوران ڪم واري جاءِ تي آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي ماهر ۽ انسپيڪٽرز کي لازمي طور شامل ڪرڻ جو پابند هوندو. ٺيڪيدار جي آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سفيٽي عملي جي نگراني ڊزائين اينڊ سپروئيزن ڪنسلٽنٽس ((DSC ۽ پي آءِ يو پاران ڪئي ويندي. ٺيڪيدار هن ايل ايم پي (۽ منصوبي بابت ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي فريم ورڪ (ESMF) پٽاندڙ، جيڪو الڳ پيش ڪيل آهي) ۾ واضح ڪيل تفصيلن ۽ طريقيڪار پٽاندڙ رڪارڊ رکندو. سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ جي مزدورن پاران شڪايتن جي ازالي بابت آبپاشي کاتي جو نظام (GRM) اُن وقت تائين ڪتب آندو ويندو، جيستائين موجوده منصوبي لاءِ پنهنجو ليبر مئنيجمينٽ پلان تيار ڪيو وڃي، جنهن کي مزدورن جي شڪايتن جي ازالي واري نظام ۾ شامل ڪيو ويندو. ٺيڪيدارن کي مزدورن جي شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار جوڙڻو هوندو، جيڪو مزدورن جي انتظامن بابت هن منصوبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ضرورتن مطابق مسئلا حل ڪري. پي آءِ يو پاران مزدورن جي آمد سان امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪيو ويندو ۽ گهربل تربيت لاءِ شيڊول مهيا ڪيو ويندو. منصوبي جي مزدورن سان لهه وچڙ سبب آبادي جي صحت ۽ تحفظ کي خطرا گهٽائڻ لاءِ منصوبي جي سمورن مزدورن کي جنسي استحصال ۽ تشدد/جنسي طور هيسائڻ جي روڪٿام، مزدورن لاءِ اخلاقي ضابطي سان گڏ جنسي ۽ جنسي بنيادن تي تشدد بابت تربيت ڏني ويندي.

## پاليسي ۽ طريقيڪار

پي آءِ يو پاراڻ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته لاڳاپيل قانون، پاليسين ۽ هن ليبر مئنيجمينٽ پلان ۾ واضح ڪيل طريقيڪار تي ڪم دوران ۽ حادثن، وچڙندڙ بيمارين ۽ جنسي استحصال ۽ تشدد/جنسي طور هيسائڻ جي روڪٿام جي صورت ۾ عمل ڪيو وڃي. ضرورت پوڻ تي انهن پاليسين ۽ طريقيڪار کي وڌيڪ بهتر ڪيو ويندو، يا وري اُن ۾ ترميم ڪئي ويندي. ملازمت جي لاڳاپن واري ڪنهن به رُخ بابت ڪو متڀيدي ورتاءُ نه ڪيو ويندو، جنهن ۾ ڀرتي، معاوضو، ڪم جون حالتون ۽ ملازمت جا شرط، تربيت تائين پهچ، ترقي يا ملازمت جو خاتمو شامل آهي. سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ انهن قانونن تي عمل لاءِ اٽل آهي، جيڪي آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي هلائڻ وارن اهم قانون (سڀ کان وڌيڪ اهم سنڌ پيشيوراڻي صحت ۽ صحت ايڪٽ 2017، پاڪستان پيشيوراڻي صحت ۽ سيفٽي ايڪٽ 2018 ۽ فيڪٽريز ايڪٽ 1934) ۾ طئه ٿيل صحت ۽ حفاظت جي گهرجن سان سلهاڙيل آهن. عمر جي تصديق واري طريقيڪار تي عمل ڪندي چائلڊ ليبر جي پابندي ڪرڻي هوندي. منصوبي جا سمورا ملازم لاڳاپيل سيمينار ۽ تربيت جي مرحلن مان گذرندا ته جيئن مزدورن جي آمد يا جنسي استحصال ۽ تشدد/جنسي طور هيسائڻ جي مسئلن توڙي خطرن کي روڪي سگهجي. هي منصوبو ڪم واري جاءِ تي صنفي برابري سان لاڳاپيل قومي ليبر قانون تي عمل ڪندو. جنهن ۾ حمل يا ويم جي موڪل، نرسنگ جي ساهي ۽ مردن توڙي عورت مزدورن لاءِ ڌار ڌار بيت الخلا ۽ وهنجڻ جون سهولتون به شامل آهن. پي آءِ يو جاڻايل پاليسين توڙي طريقيڪار تي عملدرآمد بابت ماهوار رپورٽ پيش ڪندو. ڪم دوران اهڙو ڪو به حادثو يا واقعو، جتي جاني نقصان ٿئي يا ڪنهن کي ڌڪ رسن، پي آءِ يو 48 ڪلاڪن ۾ عالمي بئنڪ کي رپورٽ ڪرڻ سان گڏ لاڳاپيل سرڪاري عملدارن کي آگاهه ڪندو.

## ملازمت لاءِ عمر جي حد

پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 11 جي شق 3 تحت 14 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي ڪنهن به ڪارخاني يا ڪنهن به ٻي خطرناڪ ملازمت ۾ رکڻ تي پابندي آهي. اها سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ ۽ اُن جي ڪنسلٽنٽس، ٺيڪيدارن، ماتحت ٺيڪيدارن ۽ تجويز ڪيل منصوبي جي مزدورن لاءِ هڪ بنيادي گهرج هوندي. اُنکري مزدورن لاءِ لازمي هوندو ته پنهنجا تصديق ٿيل سرڪاري دستاويز مهيا ڪن، جن ۾ ڄم جو سرٽيفڪيٽ، ڪمپيوٽرائيزڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC)، پاسپورٽ يا ميڊيڪل توڙي اسڪول جو رڪارڊ شامل هوندو.

## ملازمت جا قاعدا ۽ ضابطا

ليبر قانوني ۾ منصوبي جي مزدورن لاءِ طئه ڪيل قاعدا ۽ ضابطا اُنهن سمورن مزدورن تي لاڳو ٿيندا، جن کي منصوبي (سڌي ريت ڀرتي ڪيل ملازم) تي ڪم ڪندڙن لاءِ واضح ڪيو ويو آهي. سڌي ريت ڀرتي ڪيل پارٽ ٽائيم مزدورن کي انفرادي معاهدي تحت پابند بڻائي سگهجي ٿو. ايس ايف اي آر پي پنهنجي سمورن ملازمن توڙي امڪاني ملازمن کي هڪجيترا ۽ هڪجهڙا موقعا مهيا ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي، جتي هر ڪنهن سان احترام وارو رويو رکيو ويندو آهي ۽ ڪين برابر موقعا ڏنا ويندا آهن. پروجيڪٽ جي ملازمن لاءِ ڪم جا 5 ڏينهن يا هفتي ۾ 40 ڪلاڪ ڪم لاءِ روزانو 8 ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت نه هوندو، اُن ۾ ڪاڌي پيتي جي وقفي لاءِ ڌار وقت آهي. هر منصوبي جا ملازم هفتي جا آخري 2 ڏينهن (ڇنڇر ۽ آچر) آرام ڪرڻ جا حقدار آهن. جڏهن ته مزدور رياست طرفان منظور ڪيل موڪلن تي به آرام جا ڏينهن گهارڻ جا پڻ حقدار هوندا. ميٽرنٽي بينيفٽس آرڊيننس 1958 تحت ڳورهارين عورتن کي مڪمل پگهار سان گڏ 12 هفتن جي موڪل جي اجازت آهي. ملازمت ڏيندڙ جو اهو عمل غيرقانوني آهي جو حمل جي موڪل تي موجود عورت ملازم کي برطرف ڪري. صوبائي حڪومتون گهٽ ۾ گهٽ اجرت آرڊيننس 1961ع جي سيڪشن 3 تحت گهٽ ۾ گهٽ اجرت بورڊ جوڙينديون آهن، ته جيئن اُجوري جي شرح جو فيصلو ڪري سگهجي، جن تي ساليانو نظرثاني ڪئي ويندي آهي. مزدورن جي بهتري ۽ ڀلائي جي حوالي سان قانونسازي ۾ ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽس ايڪٽ 1976 (جنهن ۾ پينشن، پيرسني جي گرانٽ،غيرقانوني ۽ بيوه پينشن جا به انتظام شامل آهن) موجود آهي. ڪانٽريڪٽ توڙي ملازمت ختم ڪرڻ کان اڳ هڪ مهينو اڳ نوٽيس ڏيڻ لازمي آهي يا نوٽيس جي بدلي هڪ مهيني جي اُجرت ادا ڪري سگهجي ٿي. قانون نوڪري ڏيندڙ يا آجر کي پابند ڪري ٿو ته هو لکت ۾ برطرفي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪندي اُن جا ڪارڻ واضح ڪندو. ڪم دوران مزدور کي لڳندڙ ڌڪ، بيماري يا حادثي کي ڀرتي ڪندڙ اختياري يا اُن جي نمائندي وسيلي ڪلينڪ يا اسپتال تائين پهچايو ويندو. اجتماعي سودي ڪاري کي مزدورن لاءِ ٽريڊ يونين جو حصو بڻجڻ وارو حق به ڪوٺيو ويندو آهي.

## شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار يا نظام

انڊسٽريل ريليشنس آرڊيننس (IRO) 2002 کي آرٽيل 46 موجب ڪو به ملازم ڪنهن به وقت قانون وسيلي يا اُن تحت محفوظ ڪيل ڪنهن به حق لاءِ پنهنجي شڪايت آڻي سگهي ٿو. پي آءِ يو پاران منصوبي جي مزدورن لاءِ شڪايتن جي ازالي جو هڪ طريقيڪار (يا جي آر ايم ۾ شڦون شامل ڪندو) جوڙيو ويندو ته جيئن

منصوبي جي فعاليت کان اڳ لاڳو ٿيڻ جوڳا قومي توڙي صوبائي قانون ۽ اي ايس ايس - 2 پٽاندڙ مزدوري يا ڪم جي جاءِ بابت خدشن کي حل ڪري سگهجي. ملازمن لاءِ شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار اي ايس ايس 2- ليبر ۽ ڪم جي حالتن جي گهرجن تي ٻڌل هوندو. پي آءِ يو جا ماحولياتي ۽ سماجي ماهر مزدورن جون شڪايتون درج ڪندي اُنهن جي حل جي نگراني ڪندا ۽ پنهنجي ماهوار اڳڀرائي رپورٽ ۾ پي آءِ يو کي اُن بابت آگاهه ڪندا. گريونس ريڊريس مڪينزم جي فوڪل پوائنٽ ۽ ماحولياتي ۽ سماجي ماهرن پاران اِن مرحلي جي پوئيواري ڪئي ويندي، منصوبي جي شڪايتن جي ازالي واري طريقيڪار لاءِ ذميوار هوندا. اُن ڪانسواءِ سمورو لاڳاپيل عملو ڪم جي باري ۾ مسئلن ۽ خدشن جي جائزي لاءِ منصوبي جي ملازمن سان روزانو بُنيادن تي گڏجاڻيون ڪندو. ڪنهن بہ ملازم پاران ڪيل شڪايت جي حل لاءِ پي آءِ يو ۽ ٺيڪيدار پاران ڪنيل قدمن کي دستاويزي صورت ۾ حتمي شڪل ڏني ويندي.

## ٺيڪي جا انتظام

پي آءِ يو اِن ڳالهہ کي يقيني بڻائيندو تہ ٺيڪيدار قانوني ۽ اعتماد جوڳو ادارو آهي، ۽ هن ليبر مئنيجمينٽ پلان تي عملدرآمد ۾ مزدورن جي بندوبست لاءِ طريقيڪار جوڙيو ويو آهي. ٺيڪيدارن سان معاهدي ۾ آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي، مزدوري ۽ ڪم واري جاءِ تي عملي جي تحفظ بابت موجوده قانون تي عملدرآمد جي ذميواري واري شق بہ شامل هوندي. پي آءِ يو ڪانٽريڪٽ تي پرتي ٿيل عملي جي حوالي سان ٺيڪيدارن جي ڪارڪردگي جي نگراني ڪندو ۽ ٺيڪيدار واري پنهنجي طرفان ڪيل معاهدي تي عمل تي ڌيان ڏنو ويندو.

## بنيادي رسد جا مزدور

هن منصوبي تحت اڏاوتي ڪم لاءِ بنيادي رسد جي شموليت فراهم هوندي، تہ جيئن تجويز ڪيل ڪم انجام ڏيڻ لاءِ ضروري اڏاوتي سامان ڪٺي پهچائي سگهجي. پي آءِ يو ۽ سپروائيزري ڪميٽي اهڙن خطرن جي نشاندهي بعد سپلايرز کان بنيادي رسد جي خريداري جو جائزو وٺندا ۽ اُن جي منظوري ڏيندا. پي آءِ يو اڏاوتي ڪمن تحت سامان ۽ مواد جي خريداري جي نگراني ڪندو. منصوبي جا ٺيڪيدار اِنهي شرطن تحت مواد ۽ سامان جي خريداري توڙي فراهمي جا ذميوار هوندا ۽ ٺيڪي جي معاهدن ۾ آڪيوپيشنل هيلٿ اينڊ سيفٽي رُخن تي وضاحتون فراهم ڪندا. بنيادي رسد لاءِ سورسنگ ڪرڻ وقت منصوبي هي اهڙن سپلايرز جي ضرورت هوندي، جيڪي ٻارن کان مزدوري ڪرائڻ، جبري پورهئي سوڊو سنگين خطرن جي نشاندهي ڪندا. پي آءِ يو ۽ ڪنسلٽنٽ اهڙي قسم جي خطرن جي نشاندهي بعد سپلايرز سان گڏ بنيادي رسد جي خريداري جو جائزو وٺندا ۽ اُن جي منظوري ڏيندا. جتي مناسب هجي، اُتي منصوبي کي بنيادي رسد سان گڏ سمورن خريداري آرڊرز ۽ معاهدن ۾ ٻارن جي مزودري، جبري پورهئي ۽ ڪم دوران حفاظت جي مسئلن تي مخصوص گهرجون شامل ڪرڻ جي ضرورت هوندي.